صوبائي اسيمبلي سنڌ

نوٽيفڪيشن

ڪراچي ١١ جون ٢٠١٤

سنڌ فوجداري ڏوهن متعلق استغاثي واري خدمت (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) (ترميم) بل ٢٠١٤،جيڪو صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان ٢٥ اپريل ٢٠١٤ تي پاس ڪيو ويو ۽ گورنر سنڌ ١٠ جون ٢٠١٤ تي منظوري ڏني،جنهن کي صوبائي اسيمبلي سنڌ جي قانون سازي ايڪٽ طور شايع ڪيو وڃي ٿو.

# سنڌ فوجداري ڏوهن متعلق استغاثي واري خدمت (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) (ترميم) ايڪٽ، ٢٠١٤

## سنڌ ايڪٽ نمبر XIV، مجريه ٢٠١٤

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس (ڪانسٽيٽيوشن، فنڪشنس ائنڊ پاورس) ايڪٽ، ٢٠٠٩ (Constitution , Functions & Powers) کي تبديل ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ڪرمنل پراسيڪوڪيشن سروس (ڪانسٽيٽوشن، فنڪشن ائنڊ پاورس) ايڪٽ ٢٠٠٩ کي تبديل ڪرڻ جي تقاضا آهي.

جنهن ڪري هن ريت بدلايو پيو وڃي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and Commencement.

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ فوجداري ڏوهن متعلق استغاثي واري خدمت(جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) (ترميم) ايڪٽ ٢٠١٤ ( The Sindh Criminal Prosecution Service (Constitution, Functions & Powers) (Amendment) Act, 2014) چيو ويندو.

(2) هي ايڪٽ سموري سنڌ صوبي ۾ لاڳو ٿيندو.
(3) هي ايڪٽ هڪدم لاڳو ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريه 2010 جي دفعه 6 ۾ تبديلي.
Amendment in Section 6 of the Sindh Act IX of 2010.

2. تبديليءَ هيٺ ايندڙ ايڪٽ سنڌ فوجداري ڏوهن متعلق استغاثي واري خدمت (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) ايڪٽ ٢٠٠٩جي دفعه 6 ۾ هن ريت تبديلي آڻجي ٿي.
(i) ذيلي دفعه (3) ۾ هي رکيو ويندو،
"(3) پراسيڪيوٽر جنرل، حڪومت جي رضامندي تائين پنهنجي عهدي تي برقرار رهي سگهندو.
(ii) ذيلي دفعه [7] ۾ لفظ "حوالي ڪرڻ" (delegate) بدران "ڏيڻ" (assign) رکيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعه 7 جو نعم البدل.
Amendment in Section 7 of the Sindh Act IX of 2010.

3- تبديلي هيٺ آيل ايڪٽ جي دفعه 7 ۾ هتي تبديلي رکي ويندي؛
"7. ان ماڻهوءَ کي پراسيڪيوٽر جنرل مقرر نه ٿو ڪري سگهجي، جيڪو پاڪستاني شهري ناهي، ۽ 45 هن سالن جي ڄمار کان گهٽ جو، ۽ هن ڏهن سالن کان گهٽ هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت نه ڪئي هجي."

بحڪم
اسپيڪر
صوبائي اسيمبلي سنڌ-

جي-ايم-عمر فاروق
سيڪريٽري صوبائي اسيمبلي سنڌ

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.